SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1984

سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment of Section 7 of Sindh Act XIV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Act XIV of 1973

4. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعه 9 جي ترميم

Amendment of Section 9 of Sindh Act XIV of 1973

5. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعه 11 جي ترميم

Amendment of Section 11 of Sindh Act XIV of 1973

6. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 12 جي ترميم

Amendment of Section 12 of Sindh Act XIV of 1973

7. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 18 جي ترميم

Amendment of Section 18 of Sindh Act XIV of 1973

8. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 22 جي ترميم

Amendment of Section 22 of Sindh Act XIV of 1973

9. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 23 جي ترميم

Amendment of Section 23 of Sindh Act XIV of 1973

سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1984

سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[17 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

Short title and commencement

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1983 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي

2. سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 7 جي

ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن "يا گريڈ" کي ختم ڪيو ويندو.

دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of Section 7 of Sindh Act XIV of 1973

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 8 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ "گريڈ" جتي بہ اچي، لفظ "آسامي" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(b) ذيلي دفعہ (2) ۽ ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظ "گريڈ" کي لفظ "ڪيڈر" سان متبادل بڻايو ويندو؛ ۽

(c) ذيلي دفعہ (4) ۽ شرطيہ بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Act XIV of 1973

"(4) پوسٽ، سروس يا ڪيڈر ۾ سينيارٽي جنهن تي سرڪاري ملازم کي ترقي ڏني وئي آهي، اها اهڙي سرڪاري ملازم جي ان پوسٽ، سروس يا ڪيڈر تي ريگيولر مقرري واري تاريخ کان ڳڻي ويندي:

بشرطيڪ جيڪي سرڪاري ملازم هڪ بيچ ۾ اعليٰ عهدي تي ترقي لاءِ چونڊيو ويو آهي، ان جي اعليٰ عهدي تي ترقي باوجود هيٺين عهدي جي انٽر سينيارٽي برقرار رهندي".

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 9 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) آرٽيڪل "a" ۽ لفظ "عهدو" وچ ۾، لفظ "اعليٰ" کي شامل ڪيو ويندو؛ ۽

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 9 جي ترميم

(ii) لفظن "جو اعليٰ گريڈ" کي ختم ڪيو ويندو.	Amendment of Section 9 of Sindh Act XIV of 1973
5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 11 ۾، لفظ "گريڈ" جتي بہ اچي لفظ "سروس" سان متبادل بڻايو ويندو.	1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 11 جي ترميم Amendment of Section 11 of Sindh Act XIV of 1973
6. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 12 ۾:	1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 12 جي ترميم
(i) مارجينل هيڊنگ ۾، لفظن "سروس لاءِ گريڈ" کي لفظ "عهدو" سان متبادل بڻايو ويندو.	Amendment of Section 12 of Sindh Act XIV of 1973
(ii) بہ دفعا ايندڙ لفظن "يا گريڈ" کي ختم ڪيو ويندو.	
7. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 18 ۽ شرطيہ بيان ۾ لفظ "يا گريڈ" جتي بہ اچن انهن کي ختم ڪيو ويندو.	1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 18 جي ترميم Amendment of

Section 18 of Sindh Act XIV of 1973

8. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 22 ۾، هيٺين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 22 جي ترميم

(بينوويلنٽ فنڈ گروپ انشورنس)

Amendment of Section 22 of Sindh Act XIV of 1973

"22. سمورا سرڪاري ملازم ۽ انهن جي ڪٽنبن کي سنڌ گورنمينٽ بينوويلنٽ فنڈ آرڊيننس، 1960 ۽ سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڈ، 1979 ۽ اهڙي سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن تحت فاعدا ڏنا ويندا."

9. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 23 ۾، ذيلي دفعہ (2) جي شرطيہ بيان ۾ لفظن "يا گريڈ" کي ختم ڪيو ويندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 23 جي ترميم

Amendment of Section 23 of Sindh Act XIV of 1973

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.